چندر

دوھاولي

رچيندڙ

ديپ چندر بيلاڈي "چندر"

چندر

دوهاولي

رچيندڙ

ديپ چندر ٻيلاڻي "چندر"

پرڪاشڪ:

آتم درشن پرڪاشن منڊل
نواب ڪا ٻيڙا، اجمير

(ڇاپو پهريون) ١٩٩٥ (ڪاپيون ٢٠٠٠

قيمت: سڪ شرڌا سان پڙهڻ.

مهاڳ

(ٻهريون ڇاپو)

هنديءَ ۾ مهاتما ڪبير، شري رحيم، گوسوامي تلسيداس ۽ شري ٻهاريءَ جيان سنڌيءَ ۾ دوها گهڻا رچيل آهن.

دوهو فقط ٻن سٽن جو ٿئي ٿو، جنهن ۾ روحاني، نيتي، وهنواري ويچار ڏنل ٿين ٿا، جي گهاگهر ۾ ساگر مثل ٿين ٿا.

منهنجي من ۾ ڪي ويچار آيا، جن کي مون دوهن جو روپ ڏنو. مان ڪو ڪوي ڪونه آهيان. اندر جا اڌما آهن، جيڪي هر ڪنهن انسان جي پڙهڻ ۽ هنڊائڻ وٽان آهن. جنکي چاهنا هوندي، سي انهن دوهن مان ڪجهه پرائي سگهن ٿا.

ڪوتا جي نيمن جي درشٽيءَ کان ڪي گهٽ وڌتايون هونديون، جيڪڏهن ڪي ڪوي سڄڻ منهنجي ڌيان تي رهجي ويل اوڻاين کان واقف ڪندا ته مان انهن جو نهايت ٿورائتو رهندس.

هن ننڍڙي پستڪ ۾ فقط ٣٠٦ دوها ڏنل آهن.

پياري ڀاءُ ليلا رام ڊولاڻيءَ منهنجي رچيل دوهن ۾ ڪجهه سڌار ڪيو آهي ۽ ڪي اَملهه صلاحون ڏنيون آهن، تن لاءِ مان سندس نهايت ٿورائتو آهيان.

اجمير — شيوا ۾

١ جنوري ١٩٩٤ع — **ديپ چندر بيلاڻي**

CHANDRA-DOHAVALI

(Poetry)

by :

Deepchandra Belani "Chandra"

Second Edition: May, 1995

Copies : 2000

For Free Distribution

Published by:

Atma Darshan Prakashan Mandal

Nawab ka Bera, AJMER - 305001

Printed by:

R. D. Belani

Prabhu Printing Press

Nawab ka Bera, AJMER

شري موتي لال ريواچند ميرواڻي



پنهنجي پياري ڀاءُ موتي لعل جي پوتر ياد ۾
هن پستڪ جون ٻه هزار ڪاپيون مفت ورهايون
وينديون. شل پڙهندڙ لاڀ وٺن.

اُلهاس نگر

ڪماري ايشوَ موهڻي

پرڪاشڪ طرفان

"چنڊر ڏوهاولي" جو پهريون ڇاپو ٻه هزار ڪاپيون منهنجي مِتر شري ڏيٽلداس موٽواڻيءَ پنهنجيءَ ڌرمپتني ڪوشليا ديوي جي پوتر ياد ۾ ڇپايو هو. جو هٿون هٿ کپي ويو. اُنهي ڏاڍي ڇڪ ٿيڻ لڳي، جو "چنڊر ڏوهالي" عام توڙي خاص ٻنهي لاءِ ڪارائتو آهي. آتم ٻوڌ ته صرف جگياسن لاءِ آهي.

ڌنيواد آهي اُلهاس نگر جي ٻن ڀينرن ڪماري ايشوءَ ۽ موهنيءَ کي، جن پنج هزار ڏياري موڪليا ته ٻه هزار پستڪ ڇپائي مفت ورهايا وڃن.

اڳي چنڊر ڏوهاوليءَ ۾ فقط ٣٠٦ ڏوها هئا ۽ هن ۾ ٤٧١ ڏوها ڏنل آهن ۽ آهي به وڏيءَ سائيز ۾، انڪري سڀاويڪ خرچ پنجن هزارن کان وڌيڪ آيل آهي. اُميد ته پڙهندڙ پستڪ سانڍي رکندا ۽ وقت به وقت ٿورا ڏوها ئي پڙهي، منن ڪري، جيون ۾ عمل آڻيندا.

ديپ چنڊر بيلاڻي

٢٢-٥-١٩٩٥ع

اجمير

"چندر دوهاولي" لاءِ ڪي رايا

"چندر دوهاولي" لاءِ رايا ته گهڻا ئي آيل آهن، پر هتي ڪي ٿورا رايا ڏجن ٿا:-

١. دادا موٽي لال ٻڌاڻي، امريڪا

"هر هڪ دوهي ۾ سچ پچ گهاگهر ۾ ساگر سمايو اٿو. پاڻ سڃاڻڻ، پيار سڌارڻ جا سبق پڻ پڻ سڀني ۾ سمجهايل آهن ۽ هر هنڌ سچ جي سٽي چڪائي ۽ چٽائي ويئي آهي ته "اندر زهر ٻاهر مٺو، ڄاڻو جڳ جي ريت." هنن دوهن ۾ علم ۽ عمل جو تاڃي پيٽو ڀريو اٿم. دادا ديپ چندر برابر لکيو آهي ته سنڌيءَ ۾ دوها گهٽ رچيل آهن."

٢. ڊاڪٽر ارجن ٻجلاڻي، پونا

"اوهانجي سڪ ۽ پيار مان موڪليل دوهاولي ملي، سچ ته هيءَ اوهان هڪ انمول چيز موڪلي آهي. جيڪا جيون ۾ ڪيتري ملھ دائڪ ٿيئي ٿي اهو ته ساڌڪ ۽ پڙهندڙ جي وس آهي. دوهن جي سمانتا موتين سان ڪري سگهجي ٿي. جيترو پڙهندڙ اونهو ويندو، اوترا ئي ان مان انمول موتي پراپت ڪندو.

دوهن مان لڳي ٿو ته اوهان جيڪي جيون ۾ سچايون ڏٺيون آهن، جيون ڪي جيئندي، انهن جو تڪي توري جيون جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي، دوهن جي صورت ۾ ورنن ڪيو آهي:

لاءِ دوهاولي جي صورت ۾ آڻي خلق کي دان ۾ ڏيئي سڀني خلق جي شيوا ڪري رهيا آهيو. انسان کي آگاهه پڻ ڪري رهيا آهيو ته ايمان ڇڏ، ڇو جو.

"ماڻهو مهان ٿو ٿئي، چندر نمرتا ساڻ،
ورکش ڦل جڏهن جهلي - جهڪائي ڇڏي پاڻ."

٣. شري هيمنداس ڏاڏواڻي، ڪنڊالا

"آتم پوٿ" ۽ "چندر دوهاولي" آتم جي لهرن سان ڀرپور ساگر مثل آهن. جنهن ۾ اندر ويچارن جون لهرون لڳنديون رهن، تنهن هي دوها چڻڪ آتما ۾ ولوڙن اچڻ جون اوچيون لهرون آهن.

چت لڳائي، هي دوها پڙهڻ سان اندر جا نيتر کلندا ۽ وڪارن جا پردا ڦاٽندا ۽ نج آتم جو آڀاس ٿيندو. دادا ديپ چندر جي آتما جاڳرت آهي، سندس هرديه وشال سمدر جيان آهي، جنهن ۾ هر وقت اُچيون اونهيون لهرون لڳنديون رهن ٿيون ۽ انهن لهرن ۾ هر هميشه نڪري ٿو سندس انڀوَن جو امولڪ خزانو. سندس شرير برابر ٻرڙ ۽ جهُور ٻڍي پيو آهي، ليڪن آتما جي اُڇل اڃا ڪان وڌيڪ جوان ٿي پئي آهي.

—o§o—

جڏهن "پٿر سندي ڀڳوان کي - چندر لڳائن پوڄ،
ڪارائي جو جڳت کي - تنهن لاءِ ڪهڙو جوڳ!"

يا "جنم وٺي هرڪو سهي - دک سکن جو ميل،
ڪوئي گذاري مشڪي - ڪنهن لاءِ جيون جيل."

ڪيترن هنڌن تہ مهان هستين جي خيالات پيش ڪئي اٿو، ساده سرل ۽ سٺن لفظن ۾ جڏهن اندر ۾ گهڙي وڃن، جڏهن ڀڳت ڪبير - نانڪ، يا رحيم وغيره جا خيال.

جڏهن ڪبير صاحب چيو تہ

"دک ۾ سمرن سڀ ڪري - پر سک ۾ ڪري نہ ڪوءِ،
جو سک ۾ سمرن ڪري - تو دک ڪاهي ڪو هوءِ."

تڏهن اوهان پڻ لکيو آهي:

"دک ۾ داتا ياد آهہ - سک ۾ جپي نہ منش،
'چندر' سکن ۾ جو ڀڄي - دک جو رهي نہ انش."

يا "لالي منهنجي لعل جي - جت ڪت آهي لعل،
ڏسندي رونق لعل جي، ٿيون مان خوشحال"

تڏهن ڪبير بہ چيو تہ:

"لالي ميري لعل ڪي - جت ديکون تت لعل،
مين ڀي ديکن جو چلي - هو گئي مين ڀي لعل."

اوهان پنهنجي هيڏيءَ عمر جي گيان سان دوهن کي سنواري سينگاري اسان کي روشن راهہ ڏيکاري

چندر

دوهاولي

(١)

پرڀوءُ تون والي وس جو، توکي مون پرڻام،
سڀ سان تنهنجا وڙ وڏا، ڏي شڪتي مون دان.

(٢)

گهران مال ڌن ڪينڪي، سمت ڏيو وردان،
ستسنگ سمرن ۾ رهان، ۽ ڳايان ٿو گان.

(٣)

ٻن ۾ کوجڻ ڇو وڃن، تو ۾ ٿي آرام،
'چندر' شردا پريم سان، جپ جڳديش جو نام.

(٤)

'چندر' ٻانور ڇو ڪرين، ڪريا شاهن شاهه،
کٿي وڃي سنسار مان، نمرتا جي راهه.

(٥)

وڏ ڀاڳي ڇڄن اهي، جيڪي اُٿن پرڀات،
تن من نروڳا تن رهي، ۽ نام رهي وات.

(۱۳)

ڏن عضوا شرير سندا، آئي سندر امول،
'چندر' وسارج ڪينڪي، آهن نيٺر يول.

(۱۴)

ڪيمت جڳت ڪي جاڻ ري، مانڻو ڪرم ڪسان،
'چندر' ٻج جهڙو وجهندو، لڻندو سو انسان.

(۱۵)

چنتا ممتا ڀاونا، ڀلڪائي تي جڳت،
'چندر' چنل سوئي رهي، ڪري جو ساڌ سنگت.

(۱۶)

پٽر سندي ڀڳوان ڪي، 'چندر' لڳائن ڀوڳ،
ڪارائي جو جڳت ڪي، تنهن لاء ڪهڙو جوڳ؟

(۱۷)

گرمکي چاٿن تا سدا، دک سک ايڪ سمان،
'چندر' اهڙي گيان سان، پاڻ پڪ ڪلياڻ.

(۱۸)

ماتا پتا پروار جا، 'چندر' ڦيٽا پ جاڻ،
هلن نيت پت سان سدا، گهر جو پڪ ڪلياڻ.

(۱۹)

'چندر' جڳت ڏن - نام ڏن، ڪڏهن ٿين نه سمان،
ناري نام جهاز تي، پاڙي جڳت ڏنوان.

(٦)

ڪوڏي ڪوڏي ڳنڍ ڪري، ميڙيا لک ڪروڙ،
خالي هٿين هليو ويو، ملي لنگوٽي توڙ.

(٧)

هنسن سان هوس ڪري، چڙهي پري اڏام،
ڪاڏي منهن ملوڪ جو، ڪٿي هيءَ ڳگدام.

(٨)

علم پڙهيو تہ چا ٿيو، بڻيو نہ جي عامل،
سونهي سو سنسار ۾، جو بڻي ٿو عاقل.

(٩)

مصري مصري چوڻ سان، مٺو نہ ٿيندو وات،
آ رٽ رٽڻ طوطي جيان، ٿيندو پنهنجو گهات.

(١٠)

'چندر' ملهہ هڪ دم جو، نہ لوڪن ڪان سرس،
جو وڃائي سواس ٿو، ڪير ڪندو تنهن ترس؟

(١١)

جنهن ڪنن سان ڪين ٻڌو، ستسنگ هر جو نام،
جنهين مکہ نام نہ جپيو، 'چندر' اُٿي ٻي ڪام.

(١٢)

ورڪش سروور سنت جن، چوٿون ٻرسي ميهن،
'چندر' پرمارٿ واسطي، چار ٿئي رکن نيهن.

(٢٧)

چاڙهي چڙهڻ آ ڏکي، لاهي آ آسان،
اُنتي ڪرڻ ۾ آ ڏکي، ڪرڻ سرل منجهه جهان.

(٢٨)

ڏکن جي ڀاڙ جڳت ۾، آهه اَڪيلو موهه،
ڇا لئه ڌارين موهه تي، ڪري تو ساڻ ڊوهه.

(٢٩)

تڪڙ ڪم شيطان سندو، سوچڻ تنهنجو ڌرم،
بنا سوچ جو ٿو ڪري، راس نه ٿيندو ڪرم.

(٣٠)

لالي منهنجي لعل جي، جت ڪت آهي لعل،
ڏسندي رونق لعل جي، بڻيس مان خوشحال.

(٣١)

ترهو توڪل جو ٻڌي، ٿي ويا وير پار،
هٺيا جيڪي ڀونئي، ٻيڙي ٽن ڦٽڪار.

(٣٢)

سندرو ٻڌي جي هليا، ڍهلي اٿائي ڪوهه،
سڀ ڪم سولو همت سان، ڇيت هجي ڀا ٻوهه.

(٣٣)

ڪروڙ لالچ ڪامنا، آهن نرڪ دوار،
جنهنجو پريم لان ٽن سان، سو سهي هر وار.

(۲۰)

سندر بغيچو جاڻ جڳ ، مانُو بهشت سمان ،
ڪال نوڙي منش ٿيو ، جنهن تي وڃيس ڌيان .

(۲۱)

ڌن دولت سنتان جي ، مانو من ۾ چاهه ،
وساري 'چندر' چاهه ۾ ، مورک مڪتيءَ راهه .

(۲۲)

جل ٻن ڪيت نه اُڀجي ، 'چندر' اُڇهي نه پياس ،
جل جيون آهه سڀني ، اُن ٻن رهن اُداس .

(۲۳)

دکه ۾ داتا ياد آ ، سکه ۾ جپي نه منش ،
'چندر' سکن ۾ جو ٻپي ، دکه جو رهي نه انش .

(۲۴)

ڪائي گدوايو ڏينهن تو ، ننڊن گدوائي رات ،
هردي ۾ ساجن سندي ، مُور نه رکيءَ تات .

(۲۵)

مانڪ جنم اڻ لڀ آ ، ملي نه وارون وار ،
جي پڪو ڦل ڀونءِ ڪري ، وري لڳي نا ڏار .

(۲۶)

ويسر ۾ گهارڻ 'چندر' ، آهه وڏو اپراڌ ،
سڙا پائي جيون ۾ ، هجي چور يا ساڌ .

(۴۱)

شريـر ڇاڻـڻ ٻارڻ ڪي، ”چندر“ آهـہ اَگيان،
اسين آهيون آتما، اهو ئـي آهـہ گيان.

(۴۲)

ماڻ ڇٽـي سپتر ڇٽي، ڳالهه ٻڌي چڙ ڏيندي،
ڇٽڻ ڪپاتـر ٻـار ڪان، رهڻ ڀلو آهہ سندي.

(۴۳)

”چندر“ موکش ڇا ڪريـان، ڇڏي اَناتن سنگ،
ڪندو رهان شيوا سدا، لـڳو رهـي اهو رنـگ.

(۴۴)

چاهـي اُتـي گهر سندي، ڇڏي نـہ اُتـم ساٿ،
سدا سٺي سنگ ساڻ ئي، ملي تو ”چندر“ ناٿ.

(۴۵)

جـي چاهين ڀـلو پنهنجو، ”چندر“ ڪـل ۽ ڪـلاهه،
ڪڏهن ٻالڪي جڳت ۾، روڏن ۾ نہ رلاهه.

(۴۶)

سندرو ٻڌي جي هليا، تن ڀلا ٿيا ڀاڳـہ،
همت هاري جن وچ تي، ٻهڃن سي ڪٿن ماڳـہ؟

(۴۷)

نـاري نـندا نـا ڪريـو، نـاري مـهـا ڪـاڻ،
نـاريءَ ئـي پـيدا ڪيـا، رام ڪرشـن سمـان.

(٣٤)

"چندر" آهي عيب وڏو، ماڻهو ۾ اهنڪار،
ڏهه سرني راوڻ سندو، ناس ٿيو گهر ٻار.

(٣٥)

"چندر" سشيلا ماءُ جو، ٿئي ڏٺوان ٻار،
ماتا ڪشيل جو ٻڌي، ٻار ٻڻن لاءِ خار.

(٣٦)

هميشه هيٺاهين تي، وهي ٿو "چندر" نير،
تيئن هيٺاهين تو هلي، ڳڌي گياني ڌير.

(٣٧)

ماتا چڱي ڌنيءَ سان، ڄڻي سشيل سنتان،
آهه "چندر" سا سنڌ پلي، ڄڻي ڪپت نادان.

(٣٨)

انسان آهه سو ڀلو، ڪرم ڪري نشڪام،
آشا رکي ڪرم ڪري، ڀڄي ٻي آرام.

(٣٩)

عجب پسجي ٿي جڳ ۾، قادر سندي قدرت،
ڪٿ بهاري ڪٿ خزان، آهي هيءَ حيرت.

(٤٠)

پاڇه ٻروسي رهڻ جي، سڀي ٿين پائمال،
آدم ٻٽائي مش ڪي، سکيو ۽ خوشحال.

(٦٩)

ٻُڏي سو جيڪو ڪري، ڪل جو ڪهڙو دوش،
ٻاڻي منش ڪرمن سان، سکه دکه پيڙا ڀوش.

(٧٠)

منمکه من ۾ ٿي رهي، سکه سمپت جي چاهه،
پرڀوُ ڀڳتن جو سدا، من ٿو رهي اُچاهه.

(٧١)

ڪانهُ ڪڏهن نه هنس ٿئي، نيچ ٿئي نا ساڌ،
'چندر' سنيهو شڌ من سان، ٿو ڪٽهي اپراڌ.

(٧٢)

مُور نه پاڻيو من ٻرو، من آ مندر مهان،
من مندر ۾ ٿو رهي، پورن شري ڀڳوان.

(٧٣)

سنگت سان ٿو گڻ اُپجي، ٿئي سنگ جو تاثير،
پاڻي گڏيو ڪير سان، بڻيو ڀاڻ ٻه ڪير.

(٧٤)

وجهڙ سان ٿي ڏهي ذري، مڻ ته جهي ٿو ڪير،
جڳت ۾ ٿي ستسنگ جي، لوڪن تاري وير.

(٧٥)

سائين آتم سڀ ۾، منش، ڪيٽ حيوان،
ڪرڻ چڱائي سڀ سندي، اهو گيتا گيان.

(٦٢)

ساڌ سنگ سيوا ڀڳتي، اُتي مُڪتيءَ دوار،
”چندر“ ڀريو ماڻ لئه، آهن سڀ آڌار،

(٦٣)

آيو ”چندر“ جنم وٺي، وٺي موت ڪي پاڻ،
موت تي ”چندر“ ڇو روئو، جو اَڳي مري ساڻ.

(٦٤)

منش اڪيلو ٿو وڃي، ڇڏي سڀ پريوار،
هر ڀڳتي شڀ ڪرم ٿا، ساڻ ٿين آڌار.

(٦٥)

لاڇائن جا پنکه ٻڌي، اُڏري ٿو انسان،
تمنا پوري نا ٿئي، ڪشٽ سهي اَٿاڻ.

(٦٦)

سک نا ڏن سنتان ۾، مال ۾ ٻي ناهه،
نرموهي ٿي جو رهي، سو شاهن جو شاهه.

(٦٧)

ديا ڌرم سان دل ڀري، رکه سڀني سان پريت،
سڀ ۾ سندر اوم وسي، سڀ ڪي جاڻج ميت.

(٦٨)

وساريءَ ڇو نام هري، ڦاسي منجهه سنسار،
ستسنگ ۽ سيوا بنا، ڪنهن نا ٿئي اُڌار.

(٨٣)

كوئل پياري هر كنهن، وڻي نه كنهن كي كانءُ،
مٺڙي مٺڙي ٻول سان، اُڃرو ٻٽيس نانءُ.

(٨٤)

ڀؤ ڀوڄن ۽ ڀوڳ آ، پرش پسُونءَ سمان،
زياده هه گيان منش پر، گيان بن پسُون جاڻ.

(٨٥)

"چندر" ڌاڳو پرم جو، ڇنو نه ڏيئي زور،
ٽٽڻ سان وري نا ملي، ملي ته ڳنڍ جو جوڙ.

(٨٦)

مڃايو ٽٽل سڄڻ کي، ڀلي رسي سؤ وار،
ور ور کري وري پوئو، ٽٽل موتين هار،

(٨٧)

دين سيٽن کي تو ڏسي، دين ڏسي نه ڪير،
"چندر" دلن کي جو ڏسي، سو دين ٻڌو شير.

(٨٨)

'چندر' وڏن کي اي ڏسي، ننڍن کيو ڇو ڌار،
سئي جتي ڪم ٿي اچي، اُت ڇا ڪندي ترار.

(٨٩)

سانت ڪري ٿوهان وهو، جاڻو ڏينهن ڦير،
'چندر' ايندي ڏينهن چڱا، لڳي ٿي ڪانه دير.

(٧٦)

سدائين جو سک ڏک کي، "چندر" سمجھي سمان،
گرمک گياني آ اھو، پائي جڳ سنمان.

(٧٧)

جل جيئن آ جڳ سندو، سڏين جل ڀڳوان،
رھن آڌار جنھن بنا، منش پکي حيوان.

(٧٨)

"چندر" رچيا جڳ سندي، عجب رچي ڀڳوان،
ڪرمن سان ٿي سنت ڪي، رھزن ٿيا انسان.

(٧٩)

جيئن وٽ ڏيئي سندي ٿي، لڳي کپائي تيل،
عمر گھٽائي منش جي، جاڻ سمي جو کيل.

(٨٠)

نديءَ اٿي ٻيڙي ڪڙي، ڪري ناڪئو پار،
"چندر" جڳ ساگر مجھان، ساڌو ڇڏي اڪار.

(٨١)

جنھن گھر ناري سلڇڻي، سو گھر سرڳ سمان،
نار بڻائي ڪلڇڻي، سارو گھر شمشان.

(٨٢)

جپ ھر نام نت سک سان، رک ڌيرج سنتوش،
شيوا ڪر ديئن دکين، "چندر" پائين موکش.

(٩٧)

دماغ اعليٰ آهه، تو، ملي ڪمائڻ ڏات،
'چندر' ڪمائي تون جهجهو، دان ڪرڻ دن رات.

(٩٨)

مهمان نوازي ڪرڻ، سڪرت جا ڪم خوب،
مگر ٻڌيءَ ۾ نا رهين، آ فهم اهو محبوب.

(٩٩)

لڪ لٽيندو ٻين ڏسي، لڳي ساڃ جي باهه،
ڏيکاءُ جهجهو ٿو ڪرڻ، اهو عيب ٿو آهه.

(١٠٠)

اوچي سڀيتا تو سندي، فخر سان سندي سڏاءِ،
تنهنجو ڀارت ديش آ، اُنجي وجهه مڃاءِ.

(١٠١)

هري نه ڀلائي تن ڪي، جي ڏين ٿا سک ٻين،
'چندر' هردم منش اُهي، سک پائي جڳه رهن.

(١٠٢)

نڀائي ساڌن رشين، ٿو مڙو ٻلوان،
ترشنا ڏوري ٻڌي، نڀائي مڃه جهان.

(١٠٣)

'چندر' مٽي سنسار ۾، مٽي منش جو ڪيل،
ڪيل سماپت ٿي ويو، ٿيو مٽيءَ سان ميل.

(٩٠)

ڀيڙا ڀنھنجي مَن سنڌي، ساڻي اندر ۾ وير،
ڪلندا سڀ ماڻھو ڀڏي، ڳوبہ نہ ڏيندو ڏير.

(٩١)

وارن ڳھڙو ڏوھہ جو، ڪائين ڀيو سؤ وار،
مَن منائڻ آھہ سنو، جنھن ۾ وشيہ وڪار.

(٩٢)

'چندر' آھين تون سنڌي، وڃ سڌي تون راھہ،
يوگيتا سان منش جي، رھي سڀن ۾ چاھہ.

(٩٣)

ترقين سنڌ لئہ ڇو ڀيو، ھند آ نرمل ديس،
گنگا گورو ٿو وھي، گنگا ساڻيي ڪيس.

(٩٤)

سنڌ ھئي حصو ھند جو، ھند آھہ آد وطن،
شاد رھي سنڌ ڀي سدا، ھند جو ٿئي نہ ڀڃن.

(٩٥)

ماتر ڀاشا آ سنڌي، اُن کان منھن نہ موڙ،
سنڌي سکہ سنڌي ٻول تون، ناتو موڙ نہ ٽوڙ.

(٩٦)

تون وارث ويدن جو، گڻن جو ڀرڻ ڀنڊار،
'چندر' سنڌي سڏائڻ کان، ڇو ڪرين ڀيو عار.

(١٦٧)

جولي مايا جڳت جي ، ڳالھ نہ ٽون وسار ،
ڪرمن وس آڀياس سان ، ڀرڀوءِ سان رکہ پيار .

(١٦٨)

گنگا اندر ڏٻئي ٿئي ، ڪئي صفائي جيءَ ،
من کي نرمل نا ڪيو ، تہ اوس ڏکڻدائن سيءَ .

(١٦٩)

ڪوڙ ڪپٽ ڪين ڇڏيو ، پلاڻو هري نام ،
ٻدا ڀڄن ڀڳوان جي ، مٺش ٿئي ٻد نام .

(١٧٠)

مٺن مٺن سان ٻکرو ڪٽو ، آڀمان آ ڪٽار ،
ٿالو رکائي مٺن - نا ، مٺا ٻائي ڀيار .

(١٧١)

چڪي آنوکي ايش جي ، هلي ٿي ڏينهن رات ،
چندر' ٻيسجي ڪينڪي ، جنهن ڪير سندي تات .

(١٧٢)

چندر' گياني جڳت کي ، ڏئي آمولہ گيان ،
چاڙ رات روپ دکہ کي ، ڏينهن کي سکہ سمان .

(١٧٣)

رات آئي ڏينهن ويو ، جيڙن گھڙيون چار ،
چندر' ڀڄن ڀڳوان ري ، جيڙن آ ٻيڪار ،

(١٠٤)

'چندر' مانـو شريـر کي ، دکـ سکـ جو گهر جاڻ ،
سم تــي رهہ سنسار ۾ ، ڇــڏي ديـهہ اڀــمان .

(١٠٥)

ماتـا - ممتـا جڳـت ۾ ، تـي سگهـي نـا بــيان ،
سکـ چاهي سنتان جـو ، خـود سهـي دکـ مهان .

(١٠٦)

ڪين هل من جي مت تـي ، تنهن ڇتر چور جاڻ ،
'چندر' ڪري تـو جڳت کـي ، ڌرم هيڻ بئيمان .

(١٠٧)

آئيـن جـــي سنسار ۾ . شــڀ ڪرم نـت ڪماءِ ،
'چندر' لوڪ شيوڪ بـڻي ، سنســار ۾ سکـ پـاءِ .

(١٠٨)

ڪيچ نا تنهنجو جڳت ۾ ، ڪوئي ڪنهن مت ناهہ ،
مان - مان بـولين 'چندر' ڇـو ، سڀ کي هلڻو آهہ .

(١٠٩)

ملـڻ لاءِ محبوب سان ، ڀٽڪين ڇـو جهر جهنگ ،
مـن ۾ شرڌا پـريم جو ، 'چندر' رکـ سدا امنگ .

(١١٠)

وڏو بڻيو تـہ ڇا ٿيو ، جهڙو ڪ وڻ کجور ،
نـہ سکہ ملي آرام جو ، ڦل لڳين گهڻو دور .

(١٨١)

جو پرش عمر پر ٽڪي، ٿو پر ڌن پر نار،
'چندر' اهڙي پرش سندو، ٿئي نہ ناماچار.

(١٨٢)

وهنوار ساڻ ٿو بڻي، مڌش سچڻ لڇ ساٿ،
ڪو رهي ڌرم دان ۾، ڪو جاڻي اپراٿ.

(١٨٣)

'چندر' ڳنوائي نت نين، پڇتائي انسان،
هردي نين جنهن ڪليا، سوئي آ مهان.

(١٨٤)

'چندر' بن شيوا شرڌا، نر نہ پائي گيان،
سنگ ساٿ بن ۽ بن ڀڳتي، تري ڪين انسان.

(١٨٥)

گياني جاڻن جڳ کي، 'چندر' سراء سمان،
رهن مسافر جئن سدا، پائن پد نروان.

(١٨٦)

ڌوکي سان ڌن گڏ ڪري، نر بڻي بئيمان،
'چندر' تنهين کي سمجهہ تون، آ هتيارو مهان.

(١٨٧)

ساٿيءَ سان ڪپت ڪري، جو ميڙي ڌن مال،
پيڙا پائي نيت سو، ٿيندس ٻڇڙا حال.

(۱۷۴)

ڪاٿي ڪوجين ٿو هري، هري ته ٿو ۾ آهه،
ننڍڙي نهار اندر ۾، هري دور ٿو ناهه.

(۱۷۵)

هرجن پارس ٿو ٿئي، پاڻيءَ لوهه چاڙ،
'چندر' سنگت هرجن سندي، ناهي سون سمان.

(۱۷۶)

ڦل ٻوٽي ڪرمن سندو، ماڻهو منجهه سنسار،
ڪرم - ڦل ٻڃي نا سگهي، پرش ڀڃي ٻا نار.

(۱۷۷)

نديءَ نير وهي وڃي، پوي ٿو منجهه ساگر،
اِئين هر ٻڄن هر ملي، ٿئي نام اُجاگر.

(۱۷۸)

جو پرش ناريءَ ڪري، ننڊا پڇر اپمان،
'چندر' تنهنکي جاڻ تون، مورک ٻنا گيان.

(۱۷۹)

هريءَ ٻونٻن ٿو ڪٿي، آهي سدا سهاءِ،
'چندر' شردا پريم منجهان، جهاتي دل ۾ پاءِ

(۱۸۰)

مورک پاپي آدرمي، جهٽين ڪلهڻي نار،
تنهن اڀاڳي پرش جو، ٻيڙو ٿئي آ ڇار.

(١٩٥)

انسانو جاڳو اُٿو، نيٺ ٿيندا مهان،
شنڪا ٽوڙي اڳتي وڌو، ته پٺ وٺندو جهان.

(١٩٦)

سڦل ٿئي سو جڳت ۾، جو رکي اُچ خيال،
اُبتن رستن پاٿري، رسي منزل محال.

(١٩٧)

جيڪو منش جهان ۾، ڪري ٻين جو نقل،
ڪامياب ڪڏهن نه ٿئي، وڃائي پاڻ عقل.

(١٩٨)

ڪرم ڪندي جهڄين دل ۾، ڌارڻو آ سنديھ،
سڦل هرگز ڪين ٿئي، پل جنھن ڪري ڇيھ.

(١٩٩)

هاءِ حياتي اَڄ سندي، آهي نت پڄ ڊوڙ،
تن من جو ڊوڙي سدا، ٿئي ٿو پنڌاڪوڙ.

(٢٠٠)

'چندر' انهدي آنند، ملندو من جي اندر،
مورکه ٻٽي هرڻ جيان، ڳولي پيو ٻاهر.

(٢٠١)

سهج جيون صحيح رهڻ، ڇڏي ڪيون ٿا نقل،
نقل دشمن عقل سندو، ڪري عقل جو قتل.

(۱۸۸)

ونڊو جنمي پار تنهن، تنهنجي خوش پريوار،
اهڙو ڪرم ڪري مرو، 'چندر' رهي سنسار.

(۱۸۹)

'چندر' شوڪ ڪريو نه ڪو، تنهنجي مٽر جو موت،
آتما آ امر سدا، آهه سرير تہ لوٿ.

(۱۹۰)

رات گذاري ننڊ ڪري، ڏينهن منجهه پريوار،
بس پيٽ جي مورکه مٿو، ڪري نت دراچار.

(۱۹۱)

پيٽ سمندر نام سان، جو ڪري تن وپرت،
انت سمي ڪلندو وڃي، موت نه ڇڏي پيت.

(۱۹۲)

ڪرمن سان هر جڳت ۾، تنهنجي تنهن اوچ نيچ،
ورڪش اهڙو ئي تنهنجي، جهڙو ٻيج.

(۱۹۳)

'چندر' جڳت تياڳ ئي، لالچ، ڪروڌ، ڪام،
نه ته ڏسندين سنسار ۾، سدا سور تون جام.

(۱۹۴)

'چندر' ڌيرج ڌرم ديا، من ۾ دائم ڌار،
رهندي تون سنسار ۾، پائين سک هروار.

(۲۰۹)

ماتر ڀاشا سان جني، ڪونهي آهه ڪو پيار،
سو ڪپوت تو ڪوڄي، لعنت اُن هروار.

(۲۱۰)

جنهن مٺڙيءَ ٻوليءَ ۾، لولي ڏني تو ماءُ،
ماڪيءَ ڪان ٻه مٺي اُها، وه وا اُنجو ساهُ.

(۲۱۱)

حيف تني جي حال تي، جن وساريو وطن،
جن ديش ڀلي واسطي، نه ڪيو ڪوشي جتن.

(۱۱۲)

سو نه ڪائي ڪڌهن خطا، جو رهي تو گنڀير،
ٻڪ ڪيو سنسار ۾، نت رهي تو اَڌير.

(۲۱۳)

آشا ڪندي جڳ مڙو، ترشنا مڙي ڪين،
آشا پوري اُن ٿئي، جو لالن ۾ لين.

(۲۱۴)

ڪشت ڪيڏا ٻه اڇن پر، ونجي اوڇي وات،
اگنيءَ جي عادت سدا، ڪيندي اوچي لاٽ.

(۲۱۵)

چندر، ڏيرج، ڌرم ديا، اَٿي اَموليه هار،
سکي ڪندو سنسار ۾، ڏئي آنند اَپار.

(٢٠٢)

ستا ۾ سمايل خطا، آهي 'چندر' ضرور،
ستا منجهان انسان کي، ملندو ڪو نه سرور.

(٢٠٣)

ترقيءَ کان سڪندو رهي، ڀاڳ، ڀروسي ڏين،
ڪرم ويرُ اُنتي ڪري، ڏکه سهي ڪرم هيڻ.

(٢٠٤)

سڀڪو سنسار منجهه آ، مطلب جو ئي يار،
جو بنا مطلب تو ڏئي، رکه اُن سان ئي پيار.

(٢٠٥)

ڇڏهنديءَ ساٿي سڀڪو، ڪريل نه مددگار،
ڪم ايندو سنسار ۾، خود جو ئي آڌار.

(٢٠٦)

رام کي نه وسارجي، ڏئي ڪري نه پيار،
بندي تي ناهه ڀروسو، جو ڪري ٿو خوار.

(٢٠٧)

ٻلجي اَيمان نه ڪر، آکڙ ماريا مٿر،
'چندر' چوُر ٿيا ڪيترا، وڏ وڏيرا وير.

(٢٠٨)

ڇپ ڇپ چورڻ کان ٻلي، سانت رهي ڪو وير،
ٽپر صبر جو جنهن لڳي، گهاهه ڪري گنڀير.

(٢٢٣)

ڪرسيءَ لئہ لڙقي سدا، ڏئي ووٽ لئہ نوٽ،
خريد ڪيل چيز سندي، ڪهڙي ملندي موٽ؟

(٢٢٤)

جوڙ ٻٽي رت جو ٻئي، ۽ سڏائي مهان،
جو ٻيڙي ٻيو خلق کي، ناهي سو انسان.

(٢٢٥)

ڪهڙو آ سو انسان، جنهن مقصد نا اون،
هلڻو آهي سڀ ڪنهين، ٻوءِ ٻڌ ڪري ڇو نہ؟

(٢٢٦)

وڌندو هل راهي اُٿي، سستي ڪڏهن نہ ڌار،
پهچين منزل تي سگهو، 'چندر' آها ڪر ڪار.

(٢٢٧)

ڏسين ٿو هر روز 'چندر'، جڳ مان وڃن انيڪ،
ڇا تون رهندين نت هتي، من کي ڇڏ نہ ڇيڪ.

(٢٢٨)

منڙا بانور ڪين ڪر، ڪريا انيڪ مير،
هل هيناهين وانڙي، وهي جيئن ٿو نير.

(٢٢٩)

سڪي رهي سنسار ۾، جو ڏئي سين پيار،
عيب نہ ڏسجن ٻين جا، پنهنجا پست وچار.

(٢١٦)

'چندر' ڪيتي نا وڏيج، نه دل اندر ڪا اوڻ،
چنتا پيارا ڇو ڪرين، رام ڇڏيندءِ ڪون.

(٢١٧)

ڪرمن سان نر جڳت ۾، ٻڌي تو اوچ نيچ،
ڏوهه ٻئي کي نا ڏجي، ڦاسي خود منجهه ڪيچ.

(٢١٨)

اڪير جو فقير نه ٿي، ٿورن وٽ پنهنجي راهه،
چمنڊءِ پير سڦلتا، اگر رکين تو چاهه.

(٢١٩)

نقل ڪندڙ انسان جي، کهڙي چمڙي ڏاڪ،
ٻلي ڪوششون لک ڪري، مور نه ٿيندي هاڪ.

(٢٢٠)

رُوڙهي وادي منش جو، کهڙو آهه سناءُ،
جو وهڪ کي موڙ ڏئي، انجو ٿيندو ناءُ.

(٢٢١)

ڪم جو سوچجي من ۾، اُن ۾ ڪجي دير،
سوچيندا ئي رهن جي، تن لئه سدا اوير.

(٢٢٢)

'ڪريان ڪريان' جو ڪري، ڪري نه ڪنهن به وار،
پار پهچي اهو سگهي، جنهن ناو رکي تيار.

(٢٣٧)

دنيا اندر رهج لئين ، جيئن ڪمل جل اندر ،
آنند چاهين جي سدا ، رکج صاف من مندر .

(٢٣٨)

ڪم عقل بـ ، اڀياس سان ، ٻنهي ٿو ودوان ،
اچڻ وڃڻ سان ٿي رسي ، سرتي ڪري نشان .

(٢٣٩)

مائهو مهان ٿـو ٿئي ، 'چندر' نمرتا ساڻ ،
ورکش ڦل جڏهن جهلي ، جهڪائي ڇڏي پاڻ .

(٢٤٠)

هڏ پچندا انهيءَ سندا ، جنهن وهڪ متي آهـ ،
ويتل اڳئي پت اٿي ، تنهن دپ ڪوئي ناهـ ،

(٢٤١)

'چندر' سمائـل آ خوشي ، هـردي ۾ انسان ،
دوڙي پيو هـرڻ جيان ، ٻـاهـر منجهه ميدان .

(٢٤٢)

'چندر' اٿئي ڪندو ڪتان ، جنهن چت ناهي جاءِ ،
چنچل من ڪـائي ٿ ڪا ، اُن ڪـان پـاڻ ٻچاءِ .

(٢٤٣)

جو مـزو آ مـات ۾ ، سو نـاهـي منجهه شـور ،
آ ڪريو 'ڪان ڪان' ڪندي ، ڪانو ڇهب مان پور .

(٢٣٠)

موڙ من کي وشين ڪان، جڳديش ساڻ جوڙ،
سمدرشٽي ڌار سدا، پيائي ڪٽي پوڙ.

(٢٣١)

اَندر ۾ اُتساهه سدا، شڪتي هميشه ڌار،
وڪارن جو هرگز تون، ٿي نه 'چندر' شڪار.

(٢٣٢)

هر ڪو هن سنسار ۾، ٿي سگهي ٿو مهان،
جنم ساڻ اوچو نه ڪو، ڪرم سان ملي مان.

(٢٣٣)

هڪ چنتا کي ڏيو گهسڻ، پين ڪولي دوار،
نند ڦٽائي، دکن سندو، مانو بڻي شڪار،

(٢٣٤)

چنتا مان وري نه سري، ۽ چنتا چٽي آهه،
'چندر' چوُر ڪر چنتا کي، سک سنتوش تون پاءِ.

(٢٣٥)

ڇا لاءِ پالائين 'چندر'، چنتا دکن جي ڪاڻ،
ماري مات ڪر اُنکي، پوءِ سدا سک ماڻ.

(٢٣٦)

دل دنيا کي ڪين ڏي، اُن اَندر پل گذار،
دنيا سان تون دل رکي، ڪين پاڙکي ڳار.

(٢٥١)

دان ڌيرج ڌرم، ديا، ڪر سدا اختيار،
تون رهه ڀل سنسار ۾، پر ڇڏ نه اهي چار.

(٢٥٢)

ٽياڳ جڳت ۾ ٽي سدا، ڪوڙ، ڪپٽ ۽ ڪروڌ،
وش گڏيل ماکي اهي، ڪر ٽنهي وروڌ.

(٢٥٣)

ڀڳتي ستسنگ، ساڌ سنگ، رکي جو جن پريت،
انت سمي 'چندر' ٿو هلي، گويا پنهنجو ميت.

(٢٥٤)

'چندر' مورک مانو ۾، ڪڏهن نه اُپجي گيان،
مات پت شيوا نه ڪري، نه ساڌ سنت سنمان.

(٢٥٥)

ديا وديا بن ڌنيءَ کي، 'چندر' مسڪين جاڻ،
انکان ته بکاري ڀلو، رکي نه هٿ ايمان.

(٢٥٦)

پٽ زال ڀاءُ مات پت، ڪوئي نه هلي ساڻ،
انت سمي گهر مان ڪڍي، ساڙين منجهه مساڻ.

(٢٥٧)

'چندر' جڳت بازار مان، سؤدو وٺ هر نام،
انت سمي ساٿي بڻي، پهچائي سکڌام.

(٢٤٤)

ٻنهي ڄاڻ هڪ ٻڙ سندا، ٻکيو ۽ کاڻ،
کاڻ وٽي تو کيڏکي، واتر وڄايو ناڻ.

(٢٤٥)

'چندر' ٻولڻ سچ سدا، اِهو ڌرم ئي آهه.
ڪيئي ڏکه آڏو اچن، تون ڌتيءَ تڏيءَ ڪاهه.

(٢٤٦)

ساڌوءَ تي ڪشٽ اچن، ڪري ڪين اَرمان،
جئن جئن تپاءِ سون کي، تئن تئن چمڪي وان.

(٢٤٧)

ٻرائيءَ سان ڀٽي ٻرو، اِهو اَصل آڌار،
ڪڏ ڪوڙي تو جو ٻڌي، تنهن لئه ڪوهه تيار.

(٢٤٨)

ڪهڙي ڀلي ڪنب هجي، پر جي رهڻي ناهه،
ڳڻ ڳڻ جي رت رنڱ سان، ڪئين ڳڻ ڏيندو ساهه.

(٢٤٩)

ڪو نه ڪاڻي ڪڏهن خطا، جو رهي تو گنڀير،
وات وڏو سنسار ۾، رهي تو نت اڌير.

(٢٥٠)

سونا زيور جهان ۾، ڪو نه وڏائيندا مان،
ساکه وڏائن ونش جي، منش سچا گڻوان.

(٢٦٥)

موهه ترشنا ڪامنا، ڪروڌ ۽ اهنڪار،
ٻنڌن ئي وڪڙي جيو جا، ٽوڙن ٿا منجهه ڌار.

(٢٦٦)

ماتا پتا ئي ڇڏي، ونڊ نه ڏني ئي پاڻ،
ڪرم ڏسي انسان سندو، ڏاهي پاڻ سڃاڻ.

(٢٦٧)

چندر جنميا هڪ ماءُ کي، ٻئي ڀائر سمان،
هڪ راوڻ راڪس ٿيو، هڪ وڀيشڻ مهان.

(٢٦٨)

گياني سان گرمک ملي، ڪن ٿا روح رهاڻ،
چندر اهڙي سنگت ٻنا، آ دل ۾ چڪتاڻ.

(٢٦٩)

ممتا منجهه موهه ڪر گٿو، ڏسي جهجهو پريوار،
مايا منجهه جيڪو ٻڌو، پوي ڪيئن سو پار؟

(٢٧٠)

چت نرمل نت تو رهي، ڀوتر پوڄن ساڻ،
سادو ڪان پان سان، ڌوئي گند گهمسان.

(٢٧١)

گيان هيڻ نر جڳ ۾، هجي ڌني ڌنوان،
چندر شبھ ڪرم جو ڇڏي، سو پاپي انسان.

(۲۵۸)

ڀڳت جن ڇڏن جڳت کي، وٺ ڀڳتيءَ جي راهه،
سدا ٿي پائيج ڏٺيءَ کي، رک مڪتيءَ جي چاهه.

(۲۵۹)

'چندر' ستسنگ ڀڄن بنا، شيوا ڪري نہ ساٿ،
وڏوت جيون ٿو ڪري، ڪري ڪوٽ اپراڌ.

(۲۶۰)

درجن منمک هڪ ٿيا، ڀئي ڪمائن پاپ،
'چندر' گرمک رهي سگهي، ڪري سدائين جاپ.

(۲۶۱)

پريم پاٺيءَ سان منا، جيون - کيت پساءِ،
شردا ڀڳتي پاڻ سان، جيون سبز بڻاءِ.

(۲۶۲)

ڀاڳي درمت سان سدا، ٿا گڏ گهمن وڪار،
هر جن هر سمرن ڪري، ڪري اوچ وچار.

(۲۶۳)

ڏينهن رات گرمک ٿيو، جپي جڳديش نام،
مورک منمک نام بن، سور سهي ٿو جام.

(۲۶۴)

منڙا هن سنسار کي، ڀول ڀليان تہ جاڻ،
ڀون پار 'چندر' گياني، ڦاسن ٿا اڻڄاڻ.

(٢٧٩)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جيئن جهنگل وڻ آهي،
اسري وڏي ڪري پوي، ٻڌاءُ اُن ۾ ناهه.

(٢٨٠)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جئن واريءَ جو ڍير،
سو اُڏامو واءُ لڳو، رهندو نه هتي ڪير.

(٢٨١)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جئن سپنا واس
چند گهڙين جو ڇهڻو، پوءِ نه ساڳي راس.

(٢٨٢)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جيئن سفر آ ريل،
چار پل ساٿي جهجها، سدا نه ڪنهن سان ميل.

(٢٨٣)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جئن پکيءَ پرواز،
دلپسند نظارا پسي، سديو نه سڪن ساز.

(٢٨٤)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ جئن جادوگر کيل،
ٻن گهڙين ميلو متو، پوءِ نه رهيو ميل.

(٢٨٥)

مانڪ جيون آهي ڇا؟ گويا مندر جو گهنڊ،
هرڪو ٺڪ هڻندو وڃي، وڄندو رهي ٻنڊ.

(۲۷۲)

جيئن چڪور 'چندر' بنا، رکي سگهي نا ڌير،
تيئن ڀڳت ڀڳتيءَ بنا، هردم رهي اَڌير.

(۲۷۳)

ڦوُل خوشبوءِ تو ڏئي، 'چندر' رهي خاموش،
سڀن سانت ۾ ٻيج ڪري، رهي تو منجهه سنتوش.

(۲۷۴)

ڌرمي سدا ڪرم ڪندي، سک ماڻي سنسار،
'چندر' پاپي جيو سندو، موُر نه ٽڪي اُڌار.

(۲۷۵)

آيا آهيو جڳت ۾، ڪريو ڪي شڀ ڪرم،
ڪشٽن کي آڏو ڏسي، ڇڏيو نه 'چندر' ڌرم.

(۲۷۶)

مانک جيون آهه ڇا، ڪن گهڙين جو کيل،
رهڻ لائين سنسار ۾، جيئن کير کنڊ ميل.

(۲۷۷)

مانک جيون آ ڇا؟ ڇڻڪ سمنڊ ۾ وار،
ڪندي گجگوڙ تي اچي، پر وڃي ٻي سڌ ير.

(۲۷۸)

مانک جيون آهه ڇا؟ جڻن سپنو منجهه رات،
ڇا لاءِ اَڀمان ڪرين، لڳن لالن جي لات.

(٢٩٣)

ٻار فقط پنھنجو ڀلو، ڪري ٻين نقصان،
تنھنکي چون لوڪ پيا، دشمن آھہ انسان.

(٢٩٤)

ھاڃي پنھنجي جي سڌي، ڪن پيا ٻرو ٻين،
تنکي 'چنڊر' چا چئجي، اھو ڀاڱ سوچين.

(٢٩٥)

ٻير ٻوڪي ڪيت اندر، 'چنڊر' چاھي جو آنب،
مراد پوري نا ٿئي، ملنس جڳت ۾ ڏنب.

(٢٩٦)

سوارٿي سنسار ۾، سک نہ ڏسي ڪنھن پار،
جڳت اندر پرمارٿي، سھي نہ ڪوئي خار.

(٢٩٧)

گذري ويا ڏينھن گھڻا، ھاڻي ڪجھہ ويچار،
ٻن ڀڳتيءَ منش ٿيو، جڳہ ۾ ٻي آڌار.

(٢٩٨)

اي ٻندا مٽي جاڻ ٿون، مانو ۽ سنسار،
مڪت ٿيو انت ۾ اھو، جنھين نام آڌار.

(٢٩٩)

جنھن 'مان ۽ منھنجو' چيو، اُن ٿئي ستياناس،
'تون ۽ تنھنجو' جنھن چيو، تنھن آ سک ۾ واس.

(٢٨٦)

ساگر هريءَ ڇاڻ تون، ساڳو نديءَ سمان،
ندي ساگر ساڻ ملي، ٻئي ٿيا يڪسان.

(٢٨٧)

ڪيٽ پڇي راس ٽئي، تہ ڪاٽي وڃي ڪسان،
منش روپ جڳہ ڪيٽ ڪي، لٽي ڪال ٻلوان.

(٢٨٨)

سک چاهين سنسار ۾، تہ ڪر ڪرم ويچار،
سوچ بن نر نہ سک ملي، پائي ڪشٽ اَپار.

(٢٨٩)

سک ۾ ڀلائي نر تون، دک ۾ دلبر ياد،
سک ۾ سمرن جو ڪري، دک نہ پائي پاند.

(٢٩٠)

هٽان پيارا هر ڪنهين، هلڻو آهہ ضرور،
’چندر‘ پو مال ڌن هٽي، ڪجي ڇا لئہ غرور.

(٢٩١)

پنهنجي ڀلي سان ڳنڍ جو، رکي ٻئي لئہ چاهہ،
معمولي منش سوئي، سنسار اندر آهہ.

(٢٩٢)

نقصان ٻوڙي پنهنجو، ڀلو تو ڪري ٻين،
اُن ماڻو کي لوڪ ٿا، ديوتا نام ڏين.

(٣٠٧)

سنگت ڪريو ساڌ سندي، جا سگهو ڪري شاد،
ڪسنگيءَ جي سنگ منجهان، ٻيڙو ٿئي برباد.

(٣٠٨)

آءُ هليس ڏسڻ ٻرا، ٻرو نه مليو آهه
جهاتي پاتم من اندر، مون جهڙو ٻد ناهه.

(٣٠٩)

جٿي دَيا اُتي ڌرم آ، جٿي لوڀ اُت پاپ،
ڪميا سان من سانت رهي، ڪرود ڏئي سنتاپ.

(٣١٠)

دَيا ڌرم جو مول آ، پاپ مول اڀمان،
دَيا تياڳيو ڪينڪي، جيسين رهن پران.

(٣١١)

ستسنگ منهنجان سک اُپجي، ڪسنگ دک سندي کاڻ،
عطار ۽ لوهار جي، ويهي ڏسو دڪان.

(٢١٢)

پيئڻ چاهين پرم رس، پالين من اڀمان،
ٻه تلوارون هڪ مياڻ ۾، ڪيئن ملي اسٿان.

(٣١٣)

سک سپنو دک بد بدو، ٻئي جاڻ مهمان،
آجيان تنجي ڪريو، جو پٺيئي ڀڳوان.

(۳۰۰)

جو منش دکي دين کي، ڏئي ديا جو دان،
'چندر' انهيءَ جيو کي جاڻو منش مهان.

(۳۰۱)

'چندر' جگت ۾ جاڻ تون، چار امولڪ دان،
پوڻ، پوڄن، وديا لئو، گياني چون مهان.

(۳۰۲)

اگر تو کو ڪنهن هٽيو، تون ڏي انکي ڦوُل،
تو لئه ڪنڊا پشپ ٿيا، اُن لئه سي ترشوُل.

(۳۰۳)

پنڊت مرک برابر آ، ڪوئي نه گهري ٻيک،
پنڊت کان آ مرک ڀلو، نيت جي اها سيک.

(۳۰۴)

ڪيلو، سپ ۽ نانگ مک، سواتي هڪ گڻ ڌار،
جهڙو جهڙو سنگ ملي، اهڙو تي ڦل تيار.

(۳۰۵)

جو جنهن گڻ جو پارکوُ، تنهنکي پورو ڏانءُ،
ڪوئل کي انب تو وٽي، نمبوري لئه ڪانءُ.

(۳۰۶)

ڏيڻ موقعي جو ڀلو، ٿئي ڪم جنهن ساڻ،
ڪيٽيءَ سڪندي جي وسي، بادل ڪهڙو ڏاڻ.

(٣٢١)

لهندڙ سورج جو 'چندر'، ڪوئي ڪري نه مان،
شام ڏيئي جلندو رهي، اُنجو سڀ ڪن گمان.

(٣٢٢)

'چندر' اڄي هن جڳت ۾، ڪريو نه ڪم سڃاڻ،
ٻنهي هٿن ڏيندا رهو، نام جپيو دل ساڻ.

(٣٢٣)

من جي مت تي نا هلو، من نيچن ڪان نيچ،
وشيه لالچ ساڻ ملي، وڃهندو جڳ کي ڪيچ.

(٣٢٤)

ڀاڻ ڀلائي تون اداءِ ٻڌي وئين حيوان.
مايا مهاڄار اندر، ڪڙين ڦاٿين نادان.

(٢٣٥)

هن سنسار ساگر ۾، ڀانت ڀانت جا لوڳ،
سڀ سان رلي ملي هلو، جڏن ند - ناو سنجوڳ،

(٣٢٦)

منش جنم ڏرلڀ آتي، ملي نه وارون وار،
جڏن ڀڪو قل ٻونءِ ڪري، وري لڳي نا ڏار.

(٣٢٧)

سنگت ڪريو سنت سندي، ورور ٻيڻو لاڀ،
ڪوئلي سندي ڪاڻ ۾، ڪهڙو رهندو تاب.

(۳۱۴)

دک سک جنهن کين ڇهي، ويري متر سمان،
'چندر' جاڻ تنهنکي سدا، ساکيات ڀڳوان.

(۳۱۵)

'چندر' عجب آهي وڏو، جيون جو واپار،
ڏيندو رهيو سڀن کي، پيئي ٻه مٿس مار.

(۳۱٦)

ميوي ڀريل وڻ مٿان، آ پٿرن وسڪار،
مايا ميڙي جنهن رکي، تنهن لئه چور چڪار.

(۳۱۷)

'چندر' جيون هڪ سپنو، اک، کلي ته ڪجهه ناه،
دک ۾ تون ٿين ٿو دکي، سک ۾ آڪڙ باه.

(۳۱۸)

ڀريو آنند روپ آ، شاهن جو آ شاه،
تون ٻي آنند روپ ٿي، 'چندر' هلي اُن راه.

(۳۱۹)

چتر اُهو ئي ٿو بڻي، جهڙو من جو روپ،
سک ۾ سهڻو ٿو لڳي، دک ۾ بڻي ڪروپ.

(۳۲۰)

'چندر' ڏسان سنسار ۾، اُبتي ريت تمام،
لهندي سورج پڇن نا، چڙهنديءَ ڪن سلام.

(۳۳۵)

ناٿا سهڻي جڳ ۾ سندا، آهن سوارٿ ساڻ،
ساٿ نه ڪنهن جو ٿو ملي، وڃي اڪيلو پاڻ.

(۳۳٦)

ٻئي جا ساٿي گهڻا، دک ۾ ساٿي ناه،
چنتا ممتا نا مٽي، سک سانت لڳي باه.

(۳۳۷)

ڀلي ڪندي ڏيري لڳي، ٻري ڪندي نه اوير،
ڏينهن لڳن ڀڄن ٿيندي، ٻهندي لڳي نه ڏير.

(۳۳۸)

رام ويو، راوڻ ويو، جن جهجهو پريوار،
جس اپجس رهجي ويو، ڪرڻيءَ انوسار.

(۳۳۹)

سنسار تيز آگ آ، اُن کان ره تون دُور،
ستسنگ ڪر تون ساڌنا، پاءِ آنند سرُور.

(۳۴۰)

ديش ٿيو آزاد آ، ڪهڙو آ سوراج،
ڪي رهن جهوپڙن ۾، ڪي ڪن وڏا راڄ.

(۳۴۱)

ٻڪ مرن گهڻا ئي پيا، ٿورا کائن طعام،
هي لوڪ تنتر ڪهڙو؟ ٻُڌ جي پيو عام.

(٣٢٨)

ڪرڙو ھوءِ ڪين ڪيو، ڦاٿين تون منجهه لوڀ،
سمو 'چندر' گذري ويو، ڪئن ملي تو سوڀ؟

(٣٢٩)

رات گذاريئہ ننڊ ڪري، ڏن ۾ ڀريئہ پيٽ،
هيري سم وقت ورتا، گنوايو تو تہ ڪيٽ.

(٣٣٠)

من جي گت آ اڻپڄي، ڄاڻي سگهي نہ ڪوءِ،
من کي آ جنهن وس ڪيو، ٻرڀو پيارو سوءِ.

(٣٣١)

پنهنجو ساکي پاڻ تون، نہ ڄ من ۾ ويچار،
تو منجهه جيڪو کوٽ آ، تنهين ڏکي ڪرتار.

(٣٣٢)

ڪندس ڪندس ان ڏيان ۾، ورتہ نہ نام آڌر،
ڏن رات ڪال ڪات سان، ڪاٽي تو تو پاڙ.

(٣٣٣)

جيسين ڏيهہ نروڳ آ، ڪال جاڙ تون دُور،
ڪري وٺ نہ ڄ اُڌار جو، بندا جٽن ڀرپور.

(٣٣٤)

مٽي تان ٽوڙن مڙئي، جڙي ٽي تون ٽوڙ.
ناتو ٽوڙي جڳت سان، گوبند ناتو جوڙ،

(٣٤٩)

راڄيہ ۾ هڪ گورنر، اهڙي ڪندو هو راڄ.
لاني وزيرن جي ڏسو، جن پاتو آ تاج.

(٣٥٠)

وڪاس لئہ ڌن نا لڳي، ٻيو ٻرڻ لاءِ جام،
چوڻن لڳندي خرچ ٿيو، هٿ ڪبو صبح شام.

(٣٥١)

رشوت بزار گرم آ، ٿوري چون ٻگهار،
گهرجون وڌيل ٻلا، ڪيئن ٿئي سينگار.

(٣٥٢)

ڪين چاڙ ٽون ڌن بڙو، سؤ هٿن سان ڪماءِ.
ڏي ٽون هزار هٿن سان، دکين ٻيڙ هٽاءِ.

(٣٥٣)

ڏينڌڙ جو ٿيندو ڀلو، ڏيڻ ۾ سک اپار،
گڏ ڪندڙ ڀنگي چاڙ ٽون، ونڊ ۾ دک هزار.

(٣٥٤)

دؤلت ٿي ٻہ لٿون هٿي، ڪيڙو ڪري شرير.
رکيا ڪرڻ جي اون ۾، ٻوي چنتا زنجير،

(٣٥٥)

سنڌ ۾ رهندي زبان ٿي، هو جئہ ڀارت مات،
گورو ويندو هو گنگا، سنڌ لئہ چو آ تات.

(۳۴۲)

ناڻي جي ٿي زور تي، نيتا بڻيا نواب،
ووٽ وٺي بالم بڻي، ڏيندا ڪونه جواب

(۳۴۳)

انڌ ڌنڌ جي ماحول ۾، ناري بڻي گراس.
دشمن جي محلن اندر، سيتائن جو نواس.

(۳۴۴)

ناڻي سان نياءُ ملي، بن ناڻي انياءُ،
ڪيس لمبا سال هلن ٿا، ڪنهن ملي ٿو نياءُ.

(۳۴۵)

چوڌر ڪٿي نهار تان، هلي ڀرشٽاچار.
'چندر' مٿي ڪان هيٺ آ، چالو جڳ واپار.

(۳۴۶)

تلڪ لڳائي سنت ٿيا، ورلو آهه شريف،
دلبا ڏيئي ڦرڻ ۾، آهن سڀئي حريف.

(۳۴۷)

جيڪي بنگلن ۾ سدا، ڪندا رهن آرام،
ڪهڙو قدر رئيسن کي، غريب بي آرام.

(۳۴۸)

اسان ڏيئي نعرا هنيا، انقلاب زنده باد،
انقلاب آيو اهو، ديش ٿيا برباد.

نت صحيح ڪرم ڪرڻ ٿي، شڪتي ملندي اپار،
بدا سوچ جو ٿو ڪري، صحيح ڪرم دشوار.

(٣٦٤)

ڪام رهت ٿيڻ ڏکيو، جي رام نه وشواس،
چِندرُ جت رهي رام ٿو، اُت نه ڪام جو واس.

(٣٦٥)

نت پرمارٿ ڀاو سان، ڪر اوچو وهنوار،
سوارٿ روپي آگ ۾، جلي پيو سنسار.

(٣٦٦)

تڏهن آرنڀ ٿي سگهندو، مانو سندو وڪاس،
جڏهن ڀڃي ڪان ملڻ جي، منش نه رکندو آس.

(٣٦٧)

شرير ۽ سنسار ۾، چِندرُ جدائي ناه،
جيون سندو سٺيه لهو، ڀنهي جو موه لاه.

(٣٦٨)

ڪيل غلطيون وسار تون، اڳتي رکو خيال،
جيون آڻي ڀلائو، ٿيندا مالا مال.

(٣٦٩)

جو ڪيرائي ڀين ٿو، ڪرندو اڳيم پاڻ،
آٿاري جو ڪري ڪي، ڀرپو اُن ٿي ساڻ.

(٣٥٦)

وطن پيارو ٻه هو اڳي، هاڻ ٻه آ سوديش،
اُن تان واريان جندڙي، سنڌ ته ٻڌي پرديش.

(٣٥٧)

ٻڪيه ڪرڻ هر فرض آ، اُن ٻن کانسي چور،
ٻڪيه سچو اُپڪار آ، جو نه ڪري سو ڀور.

(٣٥٨)

من کي رکجي ڪرم ۾، خالي من شيطان،
من کي آ جن وس ڪيو، سيئي وير مهان.

(٣٥٩)

من پکيءَ جيان ڄاڻ تون، وڃي گهمي سنسار.
مٿي اُڏري گهڻو، هردم ڪري پسار.

(٣٦٠)

جو آهين سوئي سنو، نقل آهي وڻاءُ،
نُ ٻڪ، ته ’چندر‘ پاکنڊ آ، فقط آه سوڏاءُ.

(٣٦١)

اندريون جنهن جون وس ۾، سو سکي منجهه سنسار،
راضي رهي رضا تي، سوئي خوش هروار.

(٣٦٢)

جنهين اندريون نه وس ۾، اُهو دکي لاچار،
نهي لوڪن جي راج تي، اُهو رهي بيزار.

(۳۷۷)

وڇڙن جي وسڻو اسان، ٿن سان رکون اُهو موهه،
شانتي ملندي ڪين ڪي، ڪندئون سڀ سان ڊوهه

(۳۷۸)

ٻنهجي ٻوڪي جو لٽي، رکي نه ٻين مدار،
اُهو ئي جن سکي سدا، سهي نه سورن مار.

(۳۷۹)

واجهائين چو ٻين ڏي، پاڻ تي رکُ مدار،
توڪل جو سندرو ٻڌي، ٻاءِ گلي ۾ هار.

(۳۸۰)

ڏسي ڏکڙا راهه سندا، ٿي نه 'چندر' نراس،
وڌندو هل اڳتي سدا، سکن ٿئي تو واس.

(۳۸۱)

همت سچائي مڙس ۾، گهرجي ٻڻ اخلاق،
جنهن ۾ ناهن گڻ اهي، ٻٽو حيوان ناڪ.

(۳۸۲)

ٻيڙي جل ۾ ٻل رهي، گهڙي نه جل جي ٿار،
ساڌڪ جڳ ۾ ٻال رهي، رکي نه جڳ سان پيار.

(۳۸۳)

رهه جڳت ۾ 'چندر' ٻالي، دل دنيا کان دُور،
دل دنيا کي ڏيڻ سان، نا سک ملندءِ مُور.

(٣٧٠)

گھڙي گذري الپ رھي، منڙا ھاڻ تہ چيت،
ڪال - چرڻا چڳي، رھي، رات ڏن عمر کيت.

(٣٧١)

آيس چونڊڻ گل ھتي، مڃھ حياتي باغ،
پلۂ ڪنڊن ۾ الجھيو، ٿيا خون جا داغ.

(٣٧٢)

رھڻو ڪين آھہ سدا، 'چندر' فاني جھان،
ڪري وٺو ڪجھ ڪم سٺا، متان رھي ارمان.

(٣٧٣)

سرس سڀن کان آسمو، سڀ گڻن جي کاڻ،
ڪري سمي جو مان جو، آھو مانڻ مھان.

(٣٧٤)

بلبلين باغ مڙيون، آيو ڦول جمال،
ناھہ قدردانن ڪمي، ڪوئي ڪري ڪمال.

(٣٧٥)

دکي نراس رھيا آھي، پاڻ سجاتو ناھہ،
'چندر' تو ۾ سڀ ڪجھ آ، اٿ ڳول صحيح راھہ.

(٣٧٦)

ڪوبہ انسان چو دکي، رھي تو پريشان،
'چندر' پنھي جو پاڻ کي، جاڻ آھو اگيان.

(٣٩١)

سڪ تي ٻانور ڇو ڪرين، ويندو ڏير سوير،
ڪشت ڏسي ڪنب ڪينڪي، دلبر تي ٿئه دلير.

(٣٩٢)

وچار ۽ وهنوار، جني ٻوي انڪاءُ،
وڏڻ ۽ وڃهڻ ۾، تنکي لڳي ڏکاءُ،

(٣٩٣)

ٻهڇي سوني ماڳ تي، رکيو جنهن وشواس،
ڀرمن ۾ جيڪو ڀليو، پوري ٿئي نه آس.

(٣٩٤)

هردي منجهه انسان جي، ٻل آه اڪيچار.
ڏئي ٻي له لعل کي، رک نه ٻئي آڌار.

(٣٩٥)

حڪم هلائڻ سرل آ، ڪرڻ ناه آسان،
ڪهٽي ڪرٽي هڪ ٿئي، وڏي منش جو مان.

(٣٩٦)

ٻه ڪن ٻه اکيون اسان کي، ٻر ملي هڪ زبان،
ٻڌي ڏسي ٻيڻو ٻلي، گهٽ ٻولڻ آ شان.

(٣٩٧)

نيٺا سڏجي سو سچو، سونهپ ڪري هروار.
اندر هڪ ۽ ٻاهر ٻي، ٻچ تون اُن کان ڏار.

(٣٨٤)

'چندر' سچائيءَ پاڻ ڪئي، ڪئي نه تو ٻر آهه،
اُمنگ، اُتساهه، سڦلتا، تو ان ۾ ڳولن راهه.

(٣٨٥)

ٿيندو ڏينهن هڪ اهڙو، ڪوئي ڪنهنجو ناهه،
ناريءَ لاءِ ڇا چئجي، ناڙيءَ ساٿ نه آهه.

(٣٨٦)

پاٽيءَ جو آ بد بدو، جاڻ منش جي ذات،
ڏسندي ڏسندي ڪم ٿئي، جئن تارا پرڀات.

(٣٨٧)

من جي پٺيان نا ٻڪو، مـن باندر جي ذات،
خوب چلانگون ٿو ڀري، ڏينهن ڏسي نا رات.

(٣٨٨)

گردوارا، مسجد، مندر، ڪس جا پـڙاو جاڻ،
پريو - ميل ٿئي تني، جن مـن شرڌا گيان.

(٣٨٩)

دين هين ڏکين ڏسي، جو جن اڇي نه پاس.
تنهن کان مالڪ دُور آ، پل نه ڪري اُداس.

(٣٩٠)

رام رام سڀڪو چوي، سڀ جو پنهنجو ڍنگ،
پريم منجهان جيڪو سڏي، تنهنتي چڙهندو رنگ.

(۴۰۵)

نڌرت ۾ تو جس مِلي، هت ۾ پريو دور،
ڪٿلي ڪنهن ڪٿندي هلي، هائيءَ مسٽڪ ڌوڙ.

(۴۰۶)

جنم اڪيارٿ ڇو ڪرين، رکي موه اِيمان،
سقل ڪر تون ٻانورا، پائي آتم گيان.

(۴۰۷)

ڪٿن پلا ٿئي تو پلو، من آهي مستان،
من اسٿر شانت ٿئي، آنند ٿئي پردان.

(۴۰۸)

مانڪ ديهي ڄاڻ تون، واريءَ جي ديوار،
چار گهڙيون سنسار ۾، کهنڀي جي چمڪار.

(۴۰۹)

زور جواني سونهن ٿي، ڪر نه ادا اِيمان،
قائم رهن ڪين سدا، اِها پڪ مڃا ڄاڻ.

(۴۱۰)

ڪئي جنهن آ گنوائيو، ڪم نصيب تنهن ڄاڻ،
جنهن هاري حاصل ڪيو، ڄاڻجي سو مهان.

(۴۱۱)

پيارا پنهنجي ديش ڪي، سمجهو سندر مهان،
جنهي جنم پيوميءَ جو، نت ڪريو سنمان.

(٣٩٨)

سدا نہ رھندين توں ھتي، رھي نت نہ سنسار،
اوچتو ئي ڪال اچي، ڪندو تو مٿان وار.

(٣٩٩)

وات ڀلائين ۾ ڏڪو، ڪرڻ نہ آھ اصول،
انڪي ڀروڙ تون اٿين، سگھڙن ٻڌا جن قول.

(۴٠٠)

ڏاڙھي مڇ منڍائڻ سان، ورتو ڪجھ ٻي ناھ،
من ڀريل جو ڪوڙ سان، تنھن منڍائڻو آھ.

(۴٠١)

من جا آھن رنگ جھجھا، ڪن ڪن بدلي سوء،
ھڪ ئي رنگ ۾ جو رھي، اھڙو ورلو ڪوء.

(۴٠٢)

آسڻ ماري چا ٿيو، مٽي نہ من جي آس،
جنھن گھاٽي جي ٻٽل ڪي، ويٺو ڪوه گھرواس.

(۴٠٣)

ڪتابن اندر ئي رھيو، ڀارت جو اتھاس،
اڏوھي کائي تنڪي، ڪيو جس جو ناس.

(۴٠۴)

ليکڪ ڪن وڏا وڏا، سنڌي ٻولي ٻچاء،
ڀار سندن ڪانو نمت ۾، سنڌيءَ ڏٺن نہ جاء.

(٤٣٣)

جاني آ دوست سچو، وچي أهو پلهار،
جو جان به گهوري ڇڏي، ڇڏي اعلوٰ ٻار.

(٤٣٤)

تن سياون منش آئي، تيلي، نود، چمار،
اوچ نيچ جو ڀيد مٽي، تو ڀنهنجي وهنوار.

(٤٣٥)

تيل ڦڙا وجهو جل ۾، خوب ڪندو ڦهلاءُ.
تئن تيلي سياءُ سندو، ترمان ڪري اثاءُ.

(٤٣٦)

چرم ۾ سڄو جيڊ ڪري، سونئي سر هروار،
گهٽي وڏي سو ڪين ٿيو، ماڻهو منجهه سنسار.

(٤٣٧)

چندر' نيچ آه سپ ڪان، نود منش سنسار.
نود هٺو وروٽ سٽا، ڪو اثر نا سڏار.

(٤٣٨)

سيڻي سنڪلپ ڪنهن سندا، پورا ٿيڻ محال،
سنڪلپ پورا نا ٿيا، ته برو دل جو حال.

(٤٣٩)

شيوا سنديون ڪرڻ سڏون، وات جا الڏون جاڻ،
شيوا فرض انسان ٿيي، ڪر ارپڻ تون پاڻ.

(٤٢٦)

جيڪي ٻاڙن ٻاڃہ ڏي، مُور نہ ٻهچن ماڃہ،
جيڪي ٻاڙن ٻاڙ ڏي، تن جو ورندو ٻاڃہ.

(٤٢٧)

هر چيز تي جهان ۾، ڪري سدا اُپڪار،
منش تي، شيوا نہ ڪري، تنهن جيون بيڪار.

(٤٢٨)

وقت ٽورڻ واسطي، خوش رهي چاپلوُس،
’چندر‘ خوشامد جو ڪري، ماڻهو سو منحوس.

(٤٢٩)

زوريءَ قبضو جو ڪري، سڀ جي داداگير،
مڇون مروٽي تو هلي، نِبل رهي دلگير.

(٤٣٠)

دنيا ۾ ٽا ليکجن، ٽن قسمن جا يار.
ناني، ماني ۽ جاني، رهج نت خبردار.

(٤٣١)

ڪارائي خوش جو ڪري، سڀ جي ناني يار.
پيل دغا هجي اندر ۾، ٻاهر سنو وهنوار.

(٤٣٢)

’چندر‘ خوشامد جو ڪري، سڀ جي ماني يار،
جاڻ نہ اُن دوست سچو، ڪجي اُن کان ڪنار.

(۴۴۷)

ڀرجا ڏنگر جي دروپدي، ڏسي آهي لاچار،
شل ڪرشن پيدا ٿئي، منهنجي هي آزار.

(۴۴۸)

ڪوروپٽو ڀارت ۾، خوب ڦهليو آه،
ڌهل دشاسن جو وڃي، ڀيم ارجن گمراه.

(۴۴۹)

ڪل خوشي سندا ڏينهڙا، ٻٽيا ڪاري رات،
انڌي گونگي ڇيخ ڪئي، رئي ڳئي ڀرڀات.

(۴۵۰)

ڪيت پياسا ويا جلي، نا رهيو بستان،
پٽر سندا گهڻ ديوتا، ڏيندا ڇا وردان.

(۴۵۱)

تياڳڻ ڪنچن ڪامني، سڀ دنيا ۾ آه،
'چندر' تياڳڻ ڪيرتي، سڀ لئه سولي ناه.

(۴۵۲)

ڪرم ارٿ ڪرتوب آ، ڪرڻو آ نشڪام،
ڪامنا سندو ڪرم ٿئي، دک جو آ پيغام.

(۴۵۳)

ڏيو مٽي سٺي سچي، ڪرجگ ۾ تون سدار.
ڪرپا هٿ رکي 'چندر' تي، ڪرنا پاڻان ڏار.

(٤٤٠)

جڳ ۾ ڏٺو گھڻو اٿئي، ٻس پاڻ کي تہ ھاڻ،
جي تون پرکين پاڻ کي، وڃنو آنند ماڻ.

(٤٤١)

آھن سنبند جڳت جا، گھاڻي جو واپار،
سوچي سمجھي ھل اڳي، نہ تہ ٿيندين بيزار.

(٤٤٢)

جدوجھد ھن جيون ۾، آہ دنيا جي ڪار،
جو وڙندو ھلي اڳتي، ضرور پوندو پار.

(٤٤٣)

پاڻ سڃاڻج اي ٻندا، غافل ڪيم گذار.
آتم ڄاڻج پاڻکي، سربر آہ ڇار،

(٤٤٤)

'چندر' صحيح ڪم ڪرڻ سان، ٿئي وشو ۾ چين،
نہ تہ اشانتي جڳت ۾، رھندي دن رئن.

(٤٤٥)

ڪرٽيءَ بن کھٽي چوي؛ اگياني دن رات،
ڪرٽيءَ بن کھٽي اٿين، بن پاٽيءَ برسات.

(٤٤٦)

اڻ اپ پنھنجي پاڻپي، اڻ اپ ھي مڪلات،
چو پولين 'چندر' ڪھرو، ڪر مٿڙي تون لات.

(۴٦١)

پاڻ لڳا جي جيئن ٿا، وڃائو تن ووڻڪ،
شيوا جو دم پاهران، ڏيئين لاءِ نه سيڪ.

(۴٦٢)

ٽڪڊ ڀير ڪان ته سرس آ، جيون ٻ تند ٻيڙ،
پاڳي ٻٽي ٿو ڪرم سان، ڪرم ڪر اٿي ويڙ.

(۴٦٣)

جيڪي ڀاڙن ياڳي تي، تون ڪم ته چاڙ ڪچن،
ٿير جي ڀاڙن پاڻ تي، اهي نه چنتا ڀچن.

(۴٦۴)

هر ڪو پدارٿ جڳ ۾، ڪري پيو اپڪار،
منش تي شيوا نه ڪري، پسون سنو صد بار.

(۴٦۵)

ٿورڙي وقت واسطي، خوش رهي چاپلوس،
ڪري 'چندر' خوشامد جو، ماڻهو سو منحوس.

(۴٦٦)

زوريءَ قبضو جو ڪري، سڌ جي سو داداگير
ڇپون مروني ٿو هلي، نبل رهي دلگير.

(۴٦٧)

سيئڻي سنڪلپ ڪنهجا، پورا ٿين محال،
سنڪلپ پورا نا ٿيا، ته ٻرو دل جو حال.

(٤٥٤)

دشمن سان وير نه رهي، رهي نا متر - موه،
وير موه ٻنهي جدا، كندا سي نيت ٻوه.

(٤٥٥)

شيوا پيشو نا ٻڌي، كجي سا تي نشكام،
تورو نا چاڙ كنهنجي، آنند ملندو جام.

(٤٥٦)

جني ستائڻ واسطي، كندا پوكيا جام.
چندر، لئه تيا قول سي، تن لئه خار تمام.

(٤٥٧)

سي كلهي كاندي نه تيا، جن لاءِ آءُ مياس،
چو ركين آس اجائي، سي نه كندا كم راس.

(٤٥٨)

شانتيءَ جو ڦهلاءُ نا، جت كٿ آهي شور،
اشانتيءَ ۾ سك نه ملي، متاج سڪن ٻور.

(٤٥٩)

گهڻن ميڙڻ لئه پئسي، ڇڏيو آ ايمان،
بي ايمان سماج جو، پوڙهدا ٿي شان.

(٤٦٠)

ووٽ ٻهي نيتا تيا، عيش كن پيا جام،
سار لهن غريبن نا، گارين جهان عام.

آنند درشن طرفان ڇپايل
سنڌي ڪتاب

١- امرت وائي سوامي ليلاشاه مهاراج -
هن ۾ سوامي جن جا ١٠٠ پروچن ڏنل آهن.
پڪي جلد سان قيمتا ٢٥ روپيه، ٽپال خرچ ٢ روپيه.

٢- هنديءَ ۾ امرت وائي:- هن ۾ سوامي جن جا ٦٥ پروچن ڏنل آهن. قيمتا ١٥، ٽپال خرچ ٢ روپيه.

٣- سوامي ليلاشاه وائي:- سنڌيءَ ۾ ٣٨٢ صفحا ڀڳتيءَ ڪاور سان. هن پستڪ ۾ سوامي ليلاشاه مهاراج جن جا وچن، سال جي هرهڪ ڏينهن لاءِ. قيمت ٩ روپيه، ٽپال خرچ ١ روپيه.

٤- مٺيون هنديءَ ۾ ساڳيو ڪتاب. قيمتا ١٠ روپيه.

٥- سکو جيئڻ:- هرهڪ جي پڙهڻ وٽان. ٢٠٠ صفحن کان مٿي. قيمتا ١٥ روپيه، ٽپال خرچ ٢ روپيه.

٦- ويد پرڪاش - پهريون پشپ:- ١٨٠ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٥٠ صفحا. رعايتي قيمت ٣٨ روپيه ٽپال خرچ ساڍا ٣ روپيه.

٧- ويد پرڪاش - ٻيو پشپ:- ١٨٥ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٠٠ صفحا، ڪپڙي جو جلد. قيمت ٢٥ روپيه ٽپال خرچ ساڍا ٣ روپيه.

(۴۶۸)

گھٹو ڏنو اتي جڳ ۾، پاڻکي پس تون هاڻ،
جي پرکين تون پاڻکي، ونڃو آنند ماڻ.

(۴۶۹)

آهن سنبند جڳت جا، گهائي جو واپار.
لاڀ هان کي سوچ تون، نه ته ٿيندين بيزار.

(۴۷۰)

جدو جڏهن جيون ۾، جاڻ نه تون ٻار.
جڳياسو وڌندو هلي، پائي ٻه سوڀ هار.

(۴۷۱)

پاڻ سڃاڻ اي بندا، غافل ڪيم گذار،
سمجھ نه سرير پاڻکي، آتم سدا بهار.

١٦- پنج گرنٿي :- سکمڻي، جپ صاحب، شري آشادي وار، رهراس صاحب، نصيحت نام، ڪيرتن سهيلا، آرتي صاحب - اصل واڻي ۽ سنڌي جو ارٿ ڪوتا ۾ رچيندڙ ڪوي مدگهارام مستان. ٣٧٠ صفحن کان مٿي. پڪو جلد، پلاسٽڪ ڪور سان. ڀيٽا ١٦ روپيا. ٽپال خرچ ٢ روپيا.

١٧- پنج گرنٿي :- ديوناگري ۾ ڀيٽا ١٢ روپيا. ٽپال خرچ ٻه روپيا.

١٨- ڪلياڻ مارگ :- ٦ ڀاڱا ڀيٽا هر هڪ سوا روپيا. ٽپال خرچ ٥ روپيا.

١٩- اُپنشد پرڪاش :- ڀيٽا هڪ روپيا، ٽپال خرچ هڪ روپيا.

٢٠- سوامي ليلا شاه مهراج جي جيوني :- ڀيٽا ١ روپيا ٽپال خرچ ٥٠ پئسا.

٢١- ايشور ڪي ڇو مڃون :- ڀيٽا ٥٠ پئسا. ٽپال خرچ ٥٠ پئسا.

٢٢- درشٽانت ساگر :- مذهبي ١٠٧ درشٽانت ڏنل آهن. ٢٠٠ صفحا. قيمت ١٢ روپيا. ٽپال خرچ هڪ روپيا.

٢٣- ستارا :- ڊبل ڪرائون سائيز ۾، ڇٽن سان ١٠٠ صفحا ٤٠ مهاپرشن جي جيون جون جهلڪيون. قيمت پنج روپيا. ٽپال خرچ هڪ روپيا.

٨. ويد پرڪاش - ٽيون پشپ :- ٢٠٦ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٣٠ صفحا. قيمت ٢٥ روپيا، ڪپڙي جو جلد ٣٠ روپيا، ٽپال سايا ٣ روپيا.

٩- گيتا پرڪاش :- ڀڳوت گيتا جي ٽيڪا. ٨١٢ صفحا ڊبل ڪرائون سائيز ۾، ڪپڙي جي جلد ۽ پلاسٽڪ ڪور سان. قيمت ٩٠ روپيا، ٽپال خرچ ١٣ روپيا.

١٠ انسانيت جي راهه :- ١٢٥ صفحا، قيمت ٤ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١١- ڦوليون :- ١٧٦ صفحا. هر نر ناريءَ جي پڙهڻ وٽان. قيمت ٨ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١٢- ايشور ۽ سڳل جڳت :- ١٤٠ صفحا، سوال جواب ۾. قيمت ٣ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١٣- اشٽاوڪر گيتا :- ٣٧٠ صفحن کان مٿي، پڪو جلد پلاسٽڪ ڪور سان قيمت ٢٢ روپيا. ٽپال خرچ ٻه روپيا.

١٤- ڪايا ڪلپ :- سوامي ليلاشاه مهاراج جو لکيل. بلاڪن سان قيمت سوا روپيو.

١٥- روحاني رتن :- رچيندڙ سوامي شنڪر آچاريه. قيمت چار روپيا ٽپال خرچ ٻه روپيا.

آنند درشن طرفان ڇپايل
سنڌي ڪتاب

١- امرت واڻي سوامي ليلاشاه مهاراج -
هن ۾ سوامي جن جا ١٠٠ پروچن ڏنل آهن .
پڪي جلد سان پيٽا ٢٥ روپيا، ٽپال خرچ ٢ روپيا.

٢- هندي ۾ امرت واڻي :- هن ۾ سوامي جن جا ٦٥ پروچن ڏنل آهن. پيٽا ١٥، ٽپال خرچ ٢ روپيا .

٣- سوامي ليلاشاهه واڻي :- سنڌي ۾ ٣٨٢ صفحا، پاڪيٽ ڪور سان. هن پستڪ ۾ سوامي ليلاشاهه مهاراج جن جا وچن، سال جي هر هڪ ڏينهن لاءِ. قيمت ٩ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

٤- مٺون هندي ۾ سائيو ڪتاب. پيٽا ١٠ روپيا.

٥- سکو جيئڻ :- هر هڪ جي پڙهڻ وٽان. ٢٠٠ صفحن کان مٿي. پيٽا ١٥ روپيا، ٽپال خرچ ٢ روپيا.

٦- ويد پرڪاش - پهريون پشپ :- ١٨٠ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٥٠ صفحا. رعايتي قيمت ٣٨ روپيا ٽپال خرچ سايا ٣ روپيا.

٧- ويد پرڪاش- ٻيو پشپ :- ١٨٥ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٠٠ صفحا، ڪپڙي جو جلد. قيمت ٢٥ روپيا ٽپال خرچ سايا ٣ روپيا.

۲۴- ادبي آلاپ :- ساهتيه جي جدا جدا صنفن (ودائن)
تي روشني وڌل. ايم. اي. ڪورس ۾ پاڙهڻ
لاءِ منظور ٿيل. ڪرائون سائيز - ۲۱۰ صفحا
قيمت ۵ روپيا. ٽپال خرچ هڪ روپيو.

۲۵- مانوتا ڪي پوجاري (هنديءَ ۾) :- چترن سان
۱۸۰ صفحا قيمت ٽي روپيا ٽپال خرچ هڪ روپيو.

۲۶- پڇرويڊ پيو، ٽيون ۽ چوٿون ڀاڱو. ۵۲۵ صفحا
۹.۲۵ روپيا.

۲۷- درشتانت ساگر نڌيو :- قيمت ۸۰ پئسا ٽپال خرچ
۵۰ پئسا.

۲۸- يوگ، درپڻ :- يوگ، ڪرياڻ ۽ آسڻن تي
انيڪ چترن سان ۱۶۸ صفحا، قيمت ۶ روپيا.
ٽپال خرچ هڪ روپيو.

۲۹- ڀڄ گووند :- (سوامي شنڪر آچاريه) ۱۱۰ صفحا.
قيمت ۲ روپيا ٽپال خرچ هڪ روپيو.

۳۰- گيتا درشن :- گيتا جي ڇهن اڌيائن جو ارٿ.
ڪوتا ۾، شري منگهارام مستان ۱۲۰ صفحا، نثر
۽ نظم قيمت ٽي روپيا ٽپال خرچ هڪ روپيو.

۳۱- ڀارت درشن :- (ڀاڱو ٻيو) ۸۸ صفحا. انيڪ
چترن سان قيمت ڏيڍ روپيو. ٽپال خرچ ۱ روپيو.

۳۲- ڪلياڻ مارگ :- ۱-۲-۳ ۽ ۶ ڀاڱا نوان ڇپائيل
هر هڪ جي قيمت ۱۰ روپيا.

١٦- پنج گرنٿي :- سُکمني، جپ صاحب، شري آشادي وار، رهراس صاحب، نصيحت نامو، ڪيرتن سهيلا، آرتي صاحب - اصل واڻي ۽ سنڌي جو ارٿ ڪوتا ۾ رچيل ڪوي مدگهارام مستان. ٣٧٠ صفحن کان مٿي. پڪو جلد، پلاسٽڪ ڪور سان. قيمت ١٦ روپيا. ٽپال خرچ ٢ روپيا.

١٧- پنج گرنٿي :- ديوناگريءَ ۾ قيمت ١٢ روپيا. ٽپال خرچ ٻه روپيا.

١٨- ڪلياڻ مارگ :- ٦ ڀاڱا قيمت هر هڪ سوا روپيو. ٽپال خرچ ٥ روپيا.

١٩- اُپنشد پرڪاش :- قيمت هڪ روپيو، ٽپال خرچ هڪ روپيو.

٢٠- سوامي ليلا شاه مهراج جي جيوني :- قيمت ١ روپيو ٽپال خرچ ٥٠ پئسا.

٢١- ايشور کي ڇو ملون :- قيمت ٥٠ پئسا. ٽپال خرچ ٥٠ پئسا.

٢٢- درشٽانت ساگر :- مجموعو ١٠٧ درشٽانت ڏنل آهن. ٢٠٠ صفحا. قيمت ١٢ روپيا. ٽپال خرچ هڪ روپيو.

٢٣- ستارا :- ڊبل ڪرائون سائيز ۾، چترن سان ١٠٠ صفحا. ٤٠ مهاپرشن جي جيون جون جهلڪيون. قيمت پنج روپيا. ٽپال خرچ هڪ روپيو.

٨. ويد پرڪاش - ٽيون ڀاڱو :- ٢٠٦ منترن جو ارٿ ۽ وياکيا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٣٣٠ صفحا. قيمت ٢٥ روپيا، ڪپڙي جو جلد ٣٠ روپيا، ٽپال ساڍا ٣ روپيا.

٩- گيتا پرڪاش :- ڀڳوت گيتا جي ٽيڪا. ٨١٢ صفحا ڊبل ڪرائون سائيز ۾، ڪپڙي جي جلد ۽ پلاسٽڪ ڪور سان. ڀيٽا ٩٠ روپيا، ٽپال خرچ ١٣ روپيا.

١٠ انسانيت جي راهه :- ١٢٥ صفحا، قيمت ٤ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١١- چوليون :- ١٧٦ صفحا. هر نر ناريءَ جي پڙهڻ وٽان. قيمت ٨ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١٢- ايشور ۽ سڪل جيون :- ١٤٠ صفحا، سوال جواب ۾. قيمت ٣ روپيا، ٽپال خرچ ١ روپيو.

١٣- اشٽاوڪر گيتا :- ٣٧٠ صفحن کان مٿي، پڪو جلد پلاسٽڪ ڪور سان ڀيٽا ٢٢ روپيا. ٽپال خرچ ٻه روپيا.

١٤- ڪايا ڪلپ :- سوامي ليلاشاه مهاراج جو لکيل. بلاڪن سان ڀيٽا سوا روپيو.

١٥- روحاني رتن :- رچيندڙ سوامي شنڪر آچاريه. ڀيٽا چار روپيا ٽپال خرچ ٻ روپيا.

٣٣- جاڳـــ پارت :- سوامي وويڪانند جا اُپديش
صفحا. قيمت فقط چار آنا.
٣٤- ڪليان مندر :- قيمت ٢٥ پئسا.
٣٥- ڪليان ڪنج :- سوامي جن جي ڪن شلوڪن
جي وياکيا. قيمت ٣٠ پئسا.
٣٦- امرت واڻي :- دادا امر قيمت ٦٠ پئسا.
٣٧- تندرستي رهبر :— قيمت ٦٠ پئسا.
٣٨- پورب سنديش :- (ڪوتا ۾) ڇهه روپيا. ٽپال
خرچ هڪ روپيو
٣٩- گيان گلزاري :- قيمت ٣٠ پئسا.
٤٠- اپشاواسيه اُپنشد :- سوا روپيو.

* ڌيان ڏي *

(١) پستڪ V.P.P ڪري ڪو نه ايندا. پئسا هميشه
اڳواٽ موڪليو.
(٢) رواجي ٽپال ۾ ڪتاب موڪلڻ تي، انهن جي
گم ٿيڻ لاءِ منڊل پڌل نه آهي.
(٣) جيڪڏهن ڪتابن رجسٽر ڪرڻ لاءِ لکندا ته،
بوڪ پوسٽ خرچ ڪانسواءِ ڇهه روپيا وڌيڪ
موڪليو.
ملڻ جو هنڌ :—

آتم درشن پرڪاشن منڊل

نواب جو پيڙو، اجمير

۲۴- ادبي آلاپ :- ساهتيہ جي جدا جدا صنفن (ودائن) تي روشني وڌل. ايم. اي. ڪورس ۾ پاڙهڻ لاءِ منظور ٿيل. ڪرائون سائيز- ۲۱۰ صفحا قيمت ۵ رپيا. ٽپال خرچ هڪ رپيو.

۲۵- مانوتا کي پوڄاري (هنديءَ ۾) :- چترن سان ۱۸۰ صفحا قيمت ٽي رپيا ٽپال خرچ هڪ رپيو.

۲۶- يجر ويد ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون ڀاڱو. ۵۲۵ صفحا ۹.۲۵ رپيا.

۲۷- درشٽانت ساگر ننڍو :- قيمتا ۸۰ پئسا ٽپال خرچ ۵۰ پئسا.

۲۸- يوگ، درپڻ :- يوگ، ڪريائن ۽ آسڻن تي انيڪ چترن سان ۱۶۸ صفحا، قيمت ۶ رپيا. ٽپال خرچ هڪ رپيو.

۲۹- پنچ گووند :- (سوامي شنڪر آچاريہ) ۱۱۰ صفحا. قيمت ۲ رپيا ٽپال خرچ هڪ رپيو.

۳۰- گيتا درشن :- گيتا جي چئن اڌيائن جو ارٿ. ڪوتا ۾، شري منگهارام مستان ۱۲۰ صفحا، نثر ۽ نظم قيمت ٽي رپيا. ٽپال خرچ هڪ رپيو.

۳۱- ڀارت درشن :- (ڀاڱو ٻيو) ۸۸ صفحا. انيڪ چترن سان قيمت ڏيڍ رپيو. ٽپال خرچ ۱ رپيو.

۳۲- ڪلياڻ مارگ :- ۱-۲-۳ ۽ ۶ ڀاڱا نوان ڇپايل هر هڪ جي قيمت ۱۰ رپيا.